# شيطان جا چار گڏھ

سنڌي ترجمو

ھن رسالي ۾......


| | |
|---|---|
| خيانت جو خوفناڪ عذاب | 10 |
| حرام گرھ جي نحوست | 16 |
| ست ڪفريه جملا | 17 |
| امام بخاري ۽ گھوڙي کي ٺوڪو ڏيڻ وارو | 24 |
| پوشيده عمل جو ستر ڀيرا وڌيڪ ثواب | 31 |
| حسد جا 17 علاج | 40 |
| يهودي مارڪ چھري جو بائيڪاٽ | 46 |



شيخ طريقت، امير اھلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه


مدني چينل ڏسندا رھو


مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰہِ

هي رسالو ”**شيطان جا چار ڳڌھ**“ شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ **مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي .

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي . جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو .


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

﴿ **فون نمبر :** 021-4921389-90-91 ﴾

E-mail.majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# شيطان جا چار گڏھ

شيطان کيتري ﻫ سستي ڏياري ھي بيان مڪمل پڙھي ڇڏيو ان شاء الله عزوجل توھان پنھنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدنا امام ابوالقاسِم قُشيري رضي الله تعالیٰ عنه نقل فرمائن ٿا: تہ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا موسيٰ ڪليم الله علي نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي طرف وحي فرمائي تہ مان تو ۾ ڏھ ھزار ڪن پيدا فرمايا ايتري تائين جو تون منھنجو ڪلام ٻڌو ۽ ڏھ ھزار زبانون پيدا فرمايون جنھن جي ذريعي تون مون سان ڳالھايو، تون مون کي تمام گھڻو محبوب ۽ منھنجي نزديڪ ترين ان وقت ٿيندين جڏھن تون محمد عربي صلی الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم تي ڪثرت سان درود شريف موڪليندين . (الرسالة القشيريہ باب السماع ص377 دار الڪتب العلميہ بيروت)

اللہ کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے
اسکا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ھي بيان امير اھلسنت دامت برڪاتھم العاليہ تبليغ قرآن وسنت جي عالمگيرغير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي بين الاقوامي سنتن ڀريي اجتماع صحراءِ مدينہ (ملتان) ۾ 22شعبان المعظم 1424ھ چنڇر تي ڪيو ضروري ترميم سان پيش ڪيو وڃي .
مجلس مڪتبة المدينہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

## چئن گڏهن تي ڪهڙو بار سٽيل هو؟

حضرت سيّدنا عيسيٰ روح الله علیٰ نبینا وعلیہ الصلوٰۃ والسلام هڪ دفعي ملاحظہ فرمايو تہ شيطان بار سان سٽيل چار گڏهہ وٺي وڃي رهيو آهي. پاڻ علیٰ نبینا وعلیہ الصلوٰۃ والسلام ان کان پڇا فرمائي: هنن تي ڇا آهي؟ چيائين: هي منهنجي واپار جو مال آهي، انهن مان هڪ گڏهہ تي ظلم جو بار سٽيل آهي ٻئي تي خيانت، ٽئين تي مڪر ۽ چوٿين تي حسد جو بار پنهنجي نحوست ڦهلائي رهيو آهي، پاڻ علیہ الصلوٰۃ والسلام فرمايو: هنن کي ڪير خريد ڪندو؟ ان چيو ظلم مون کان بادشاهہ يعني اهلِ اقتدار خريد ڪندا، خيانت جا خريدار واپاري آهن ۽ ڏوڪو عورتون خريد ڪنديون، رهيو حسد تہ اهو علم وارن جي لاءِ آهي. (نزهة المجالس ج2 ص 53 دارالکتب العلميہ بيروت)

## واپار جو ڀريون مال ظلم

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ظلم، خيانت، مڪر ۽ حسد چار ئي شيطان جي واپار جو مال آهن. انهن مان ظلم هو حڪمرانن جي هٿ وڪڻندو آهي. ڏنو ويو آهي تہ اقتدار حاصل ڪرڻ وارو عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ بدران اڪثر ڪمزورن تي ظلم ۽ ڏاڍ جا جبل ڪيرائڻ لڳندو آهي، ڪيس ان ڳالهہ جو بلڪل احساس ناهي رهندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڪرتوتن کي ڏسي رهيو آهي.

فرمان مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

حڪايت ۾ جيڪو حڪمرانن جي ظلم جي خريدار هئڻ جو ذڪر آهي ان مان مراد هي آهي تہ ظلم ۾ عام طور تي حڪمران ۽ آفيسر وڏيڪ ملوث هوندا آهن نہ تہ جيڪو بہ جنهن طرح سان بہ مسلمانن جي لاءِ بنا شرعي اجازت جي ايذاء جو سبب بڻجندو اهو گناهگار ۽ جهنم جو حقدار آهي .

## دير آهي انڌير ناهي

مسلمانن جي دل ڏکائڻ وارن، مسلمانن تي ظلم ۽ ڏاڍ جا جبل ڪيرائڻ وارن، مسلمانن تي گوليون هلائڻ وارن، مسلمانن جا دڪان لٽڻ وارن، مسلمانن جي گهرن تي ڌاڙا هڻڻ وارن، مسلمانن کي چٺيون موڪلي انهن کان ڀُنگ جو مطالبو ڪرڻ وارن ۽ دهشتگرديءَ جي بازار گرم ڪري مسلمانن جو چين ۽ سڪون ڪسڻ وارن جي لاءِ لمحہ فڪريہ آهي، جيئن تہ حضرت سيدنا ابو موسيٰ رضی اللہ تعالیٰ عنہ **کان روايت آهي تہ احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه واله وسلم **ارشاد فرمايو:** "بيشڪ الله تعاليٰ ظالم کي ضرور مهلت ڏيندو آهي ايتري تائين جو جڏهن پڪڙ فرمائيندو آهي تہ ڇڏيندو ناهي ." (بخاري شريف ج5ص255 حديث 4686دار الفكر بيروت)

## بري شخص جون نشانيون

حضرت سيّدتُنا اسماء بنت عُمَيس رضی اللہ تعالیٰ عنہا کان روايت آهي تہ مون رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه واله وسلم کان ٻڌو آهي تہ بُرو شخص اهو آهي جيڪو تڪبّر ڪري ۽ الله

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهہ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

عَزَّوَجَلَّ کي وساري ڇڏي، ٻُرو شخص اهو آهي جيڪو ڏاڍ ڪري ۽ خداءِ جبّار و قهّار عَزَّوَجَلَّ کي وساري ڇڏي، ٻُرو شخص اهو آهي جيڪو راند روند ۾ مگن رهي ۽ قبر ۾ وڃي ڪري ڳرڻ سڙڻ کي وساري ويهي، ٻُرو شخص اهو آهي جيڪو تڪبّر ڪري ۽ حد کان وڌي، ۽ پنهنجي ابتدا ۽ انتها کي وساري ويهي، ٻُرو شخص اهو آهي جيڪو دنيا کي دين جي ذريعي ڌوڪو ڏي، ٻُرو شخص اهو آهي جيڪو دين کي شُبهات جي ذريعي بگاڙي ڇڏي، ٻُرو شخص اهو آهي جنهن کي لالچ ڇڪيندي وتي، ٻُرو شخص اهو آهي، جنهن کي نفساني خواهشون سڌي رستي کان هٽائي ڇڏين، ٻُرو شخص اهو آهي جنهن کي ان جون خواهشون ذليل ڪري ڇڏين. (ترمذي شريف ج 3 ص 357حديث 2448 دارالڪتب العلميہ بيروت)

## مظلوم جي بددعا کان بچو

حيدر ڪرار حضرت مولا علي شير خدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الکَرِیْم کان روايت آهي تہ رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاح افلاڪ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”مظلوم جي بددعا کان بچو ڇو تہ هو الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجو حق طلب ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ ڪنهن حقدار کي ان جو حق ڏيڻ کان نہ ٿو رُڪي.“ (جامع صغير ج ص 14 حديث 119دارالڪتب العلميہ)

## مظلوم جو حمايتي سڀ کان وڏو طاقتور آهي

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** ظالم جي مقابلي ۾ جيتوڻيڪ مظلوم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ڪمزور ئي سهي پر ان جو حمايتي سڀ کان وڏو طاقتور، انتقام وٺڻ وارو مُنْتَقِم حقيقي عَزَّوَجَلَّ آهي. مظلوم اڪيلو ناهي جيتوڻيڪ وقتي طور تي بيڪس ۽ لاچار نظر ايندو آهي. يقينًا صبر ڪرڻ وارو مظلوم فائدي ۾ ئي رهندو آهي ڇو ته هن صبر جي بدلي ۾ ان جي لاءِ اجرِ عظيم آهي ۽ ظالم ته سراسر خساري ۾ آهي جو هو پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جي ذريعي گناهن جو انبار لڳائيندو آهي ۽ قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار جل جلاله کي دعوت ڏيندو آهي، چاهي اهو هي ظلم انسانن تي ڪري چاهي جانورن تي -

## ٻليءَ جي سبب عذاب !

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنزهُ عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جو فرمان غيب نشان آهي: منهنجي سامهون دوزخ کي پيش ڪيو ويو، مون ان ۾ بني اسرائيل جي هڪ عورت کي ڏٺو جنهن کي ان جي ٻليءَ جي سبب عذاب ڏنو پئي ويو، ان ٻليءَ کي ٻَڌي رکيو هو نه کاڌو کارائيندي هئي ۽ نه ڇوڙيندي هئي ته جيئن اها جيت جڻيا کائي وٺي ايستائين جو اها بک سبب مري وئي. (مشکواة بشرح مرقاة ج9ص198حديث 5341دار الفکر بيروت)

## سٺن زمينن جو ٻٽ

رشوتن جي ذريعي ٻين جي جڳهن تي قبضو ڪري عمارتون نهرائڻ وارن، ماڻهن جي طرفان نيڪي تي مليل زرعي زمينون

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

دٻائڻ وارن، ڪڙمين، وڏيرن ۽ خيانت ڪندڙ زميندارن کي گهٻرائي ڪري جلد کان جلد توبه ڪرڻ گهرجي ۽ جن جن جا حق ڦٻايا آهن، اهي فورًا ادا ڪرڻ گهرجن جو **"مسلم شريف"** ۾ سرڪارِ مدينه صلى الله تعالى عليه واله وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: جيڪو شخص ڪنهن جي هڪ گرانٺ ناحق طريقي سان ڪٽيندو ته ان کي قيامت جي ڏينهن ستن زمينن جو ڳٽ پارايو ويندو.

(مسلم شريف ج3ص56حديث 1610دارالڪتب العلميه بيروت )

## بخشش جي خيرات گهري وٺو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ان کان اڳ جو موت روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ ڪمرن ۽ آرامده گاديلن تان ڪٽي ڪيڙن ماڪوڙن سان ڀريل انڌيري قبر ۾ سمهاري ڇڏي، گهٻرائي ڪري ربّ العزّت جي بارگاهِ عظمت ۾ انتهائي شرمساري سان توبه ڪري ان کان رحمت ۽ بخشش جي خيرات گهري وٺو، جن جن جا حق ڦٻايا آهن، انهن کي موٽائي ڪري معافي به گهري ڪري انهن کي خوش ڪري ڇڏيو، توهان چاهي ڪيتري ئي وڏي عهدي تي فائز هجو، خدا عزوجل جي بارگاهه ۾ جهڪي وڃو، غريب ۽ مسڪين مظلومن جي سامهون منٿون ڪري معافي وٺو نه ته ياد رکو! قيامت جي ڏينهن مظلومن کي پنهنجون نيڪيون ڏيڻيون پونديون ۽ نيڪيون باقي نه بچڻ جي صورت ۾ انهن جا گناهه پنهنجي مٿان ڪٽي جهنم ۾ وجهڻو پئجي سگهي ٿو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی　　قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## ايمان جي بربادي ءَ جو هڪ سبب

حضرت سيّدنا ابوبڪر ورّاق عليه الرحمة الله الرّزاق فرمائن ٿا ته: ”ماڻهن تي ظلم ڪرڻ جي سبب اڪثر ايمان برباد ٿي ويندو آهي، آهه! آهه! آهه! ظلم جي نحوست جي سبب معاذالله عَزَّوَجَلَّ جن جو ايمان برباد ٿي ويو (يا) ڪفر جي موت مري ويا قيامت جي ڏينهن انهن جو تمام بُرو حال ٿيندو ۽ انتهائي ذلت سان جهنم ۾ اڇلايا ويندا، سيپاري 29 سورةُالحاقه جي آيت 25 کان 32 ۾ ڪافرن جي ذلت ۽ خواري جو اهڙيءَ طرح نقشو پيش ڪيو ويو آهي ته،

وَاَمَّا مَنۡ اُوۡتِیَ کِتٰبَه، بِشِمَالِهٖ فَيَقُوۡلُ يٰلَيۡتَنِیۡ لَمۡ اُوۡتَ کِتٰبِيَهۡ ۝ وَلَمۡ اَدۡرِ مَا حِسَابِيَهۡ ۝ يٰلَيۡتَهَا کَانَتِ الۡقَاضِيَةَ ۝ مَاۤ اَغۡنٰی عَنِّیۡ مَالِيَهۡ ۝ هَلَكَ عَنِّیۡ سُلۡطٰنِيَهۡ ۝ خُذُوۡهُ فَغُلُّوۡهُ ۝ ثُمَّ الۡجَحِيۡمَ صَلُّوۡهُ ۝ ثُمَّ فِیۡ سِلۡسِلَةٍ ذَرۡعُهَا سَبۡعُوۡنَ ذِرَاعًا فَاسۡلُکُوۡهُ ۝

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عليه الرحمة الرحمٰن پنهنجي جڳ مشهور قرآن جي ترجمي ڪنزالايمان ۾ ان جو ترجمو هيئن ڪن ٿا ته ”۽ اهو جنهن کي سندس عمل نامو کٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو چوندو هاءِ! جيڪر مون کي پنهنجو لکيو نه ڏنو وڃي ها، ۽ نه مان ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي، هاءِ! جيڪر موت ئي معاملو پورو

**ڪري ڇڏي ها، منهنجي ڪنهن ڪم نہ آيو منهنجو مال منهنجي سموري طاقت تباهہ ٿي وئي،** (فرشتن کي حڪم ٿيندو) **هن کي پڪڙيو پوءِ ان کي ڳٽ وجهو پوءِ ان کي ڄيي هٽندڙ باهہ ۾ دٻي ڇڏيو پوءِ اهڙي زنجير ۾ جنهن جي ماپ ستر هٿ آهي، ان کي جڪڙي ڇڏيو.**"

## رسالو ظلم جو انجام پڙهو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مهرباني ڪري مڪتبة المدينہ تان منهنجو تحريري بيان "ظلم کا انجام" حاصل ڪري پڙهي ڇڏيو يا "ظلم کا انجام" نالي بيان جي ڪيسيٽ ٻڌي ونو. ان شآءَالله عزّوجلّ توهان ظلم کان بچڻ جا تمام گهڻا انداز سکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ. هر طرح جي ظلم کان بچڻ ۽ ايمان جي حفاظت ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ **دعوت اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **فڪرِ مدينہ** ڪندي روزانو (بهتر آهي تہ سمهڻ کان پهرين) **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري ڇڏيو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائيندا رهو .

## ٻيو واپار جو مال خيانت

شيطان پنهنجي واپار جو ٻيو مال **خيانت** ٻڌايو ۽ واپارين کي ان جو خريدار قرار ڏنو، واقعي جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ واپاري اڪثر ڪري خيانت ڪندا رهندا آهن، ياد رکو! نفاق جي هڪ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

نشاني خيانت بہ آهي، جيئن تہ صحيح بخاري ۾ حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: چار نشانيون جنهن شخص ۾ هونديون اهو پڪو منافق هوندو ۽ (جيڪڏهن) انهن مان هڪ نشاني هوندي تہ ان شخص ۾ نفاق جي علامت هوندي ايتري تائين جو ان کي ڇڏي ڏي (1) جڏهن امانت ڏني وڃي تہ خِيانت ڪري (2) جڏهن ڳالهائي تہ ڪوڙ هڻي (3) جڏهن واعدو ڪري تہ واعدي خلافي ڪري (4) جڏهن جهڳڙو ڪري تہ گار ڪڍي. (بخاري شريف ج1ص25 حديث 34دار الفڪر بيروت)

## امانت جو وسيع مفهوم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** امانت جو مفهوم انتهائي وسيع آهي، جيئن تہ "قرطبي"جو قول آهي: امانت دين جي تمام شرطن ۽ عبادتن جو نالو آهي حجة الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد غزالي عليہ رحمۃ اللہ الوالي نقل فرمائن ٿا تہ: شرمگاهہ امانت آهي، ڪَن امانت آهن، زبان امانت آهي، پيٽ امانت آهي، هٿ پير امانت آهن ۽ جنهن ۾ امانت ناهي ان جو ايمان ناهي . معلوم ٿيو تہ جنهن عضون کي نافرماني ۾ لڳايو اهو بہ خيانت جو مرتڪب ٿيو. (مڪاشفة القلوب ص،43دار الڪتب العلميہ بيروت)

حضرت سيّدنا عبدالله بن عمروبن العاص رضی اللہ تعالیٰ عنہما فرمائن ٿا تہ الله تعاليٰ انسان جي تمام عضون کي ٺاهڻ کان اڳ ۾

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .

شرمگاهہ کي ٻڌايو پوءِ انسان کي خطاب ڪندي فرمايو: هيءَ مان پنهنجي هڪ امانت تو وٽ رکي رهيو آهيان، تون هن جي حقن جي ادائگيءَ ۾ سستي نہ ڪجانءِ، پوءِ ڪن امانت آهن، اک امانت آهي، شرمگاهہ امانت آهي، پيٽ امانت آهي ۽ زبان امانت آهي . (نوادرالاصول في احاديث الرسول ج 3 ص 155) **حضرت سيّدنا امام فخر الدين رازي** رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: ڄاڻي ونو تہ هي (يعني امانت جو) باب تمام وسيع آهي، پوءِ زبان جي امانت هي آهي تہ ان کي ڪوڙ، غيبت، چغلي، ڪفر، بدعت ۽ فحش وغيره کان بچائي، ۽ اک جي امانت داري هي آهي تہ ان کي حرام ڏسڻ جي لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي ۽ ڪنن جي امانتداري هي آهي تہ راند روند، منع ڪيل شين، فحش ۽ ڪوڙ وغيره ٻڌڻ ۾ انهن کي استعمال نہ ڪيو وڃي، اهڙيءَ طرح انسان جي لاءِ تمام عضون ۾ امانتداري لازمي آهي. (تفسير ڪبير ج 4 ص 109)

## خيانت جو خوفناڪ عذاب

جڏهن بہ توهان وٽ ڪو شخص سامان، پيسا وغيره ڪا بہ شيءِ امانت طور رکرائي يا توهان ڪنهن کان ڪا شيءِ مثلاً ڪتاب وغيره پڙهڻ جي لاءِ ونو تہ طئي ٿيل وقت تي موٽائي ڏيڻ جي عادت بڻايو. خدا جو قسم! امانت ۾ خيانت جو عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو . حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمّد

غزالي عليه رحمة الوالي **مڪاشفة القلوب** ۾ نقل ڪن ٿا: قيامت جي ڏينهن هڪ شخص بارگاهِ خداوندي عزوجل ۾ پيش ڪيو ويندو، **الله** تبارڪ وتعاليٰ فرمائيندو،تون فلاڻي جي امانت موٽائي ڏني هئي؟ عرض ڪندو ”نه“ خدا جي حڪم سان فرشتو ان کي جهنم ڏانهن وٺي هلندو، هو اتي جهنم جي اونهائيءَ ۾ امانت کي رکيل ڏسندو ۽ ان جي طرف ڪِرندو ۽ ستر سالن کان پوءِ اتي پهچندو، پوءِ هو امانت کڻي مٿي ايندو پر جيئن ئي ڪناري تي پهچندو، ان جو پير ترڪي ويندو ۽ هو جهنم جي اونهائيءَ ۾ وڃي ڪرندو، اهڙيءَ طرح هو چڙهندو (۽) ڪرندو رهندو ايتري تائين جو مصطفيٰ جان رحمت، تاجدارِ رسالت، شفيع امت صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي شفاعت سان ان کي ربّ العزّت جي رحمت حاصل ٿي ويندي ۽ امانت جو مالڪ ان کان راضي ٿي ويندو.

(مڪاشفة القلوب ص 44 دارالڪتب العلميہ بيروت)

## گفتگوءَ ۾ خيانت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! جهڙي طرح مال ۽ اسباب ۾ خيانت حرام آهي اهڙي طرح ڳالهائڻ، ڏيتي ليتي ۽ عهدن وغيره ۾ به **خيانت** حرام آهي. مثلاً ڪنهن توهان سان راز جي ڳالهه ڪئي يا فون نمبر يا ايڊريس ڏني ۽ چيائين ڪنهن کي نه ٻڌائجانءِ بلڪ ان نه به چيو، پر ڪنهن طرح توهان کي معلوم

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

ٿيو هجي ته هو ٻين کي ٻڌائڻ نه ٿو چاهي، مثلاً هو توهان کي ٻڌائيندي اهڙي طرح هيڏي هوڏي ڏسي رهيو هجي جو ڪو ٻڌي نه ٿو، تڏهن به هي ڳالهيون **امانت** آهن. هاڻي جيڪڏهن توهان ڪنهن کي ان جي اها ڳالهه يا فون نمبر يا ايڊريس زباني، تحريري اشاري سان يا ڪنهن طرح سان ٻڌائي ته هيءَ **خيانت** چَوَرَائيندي.

## اقتدار وارؤ خبردار!

حڪمران جي عهدي جي ذميداري آهي ته هو پنهنجي عوام جي سار لهندو رهي ۽ ان سان گڏوگڏ عدل ۽ انصاف به قائم رکي جيڪڏهن ان پنهنجي عهدي جي ذميدارين کي پورو نه ڪيو ته به امانت ۾ خيانت ٿيندي. وزيراعظم، صدر، وڏو وزير، گورنر، ٻيا وزير، اسيمبلين جا رڪن، ناظم، پوليس آفيسرز مثلاً: S.H.O, S.P, D.S.P, D.I.G, I.G وغيره وغيره درحقيقت قوم جا خادم آهن ۽ انهن جون پگهارون عوام ڪان ئي مليل پيسن جون هونديون آهن. هي پنهنجي طور تي بيشڪ خوشفهميءَ ۾ مبتلا رهندا هجن پر هي عهدا اصل ۾ سون چانديءَ جي ورق وارا "**مٺيءَ جا لڏو**" آهن، انهن کي چٻاڙڻ ۽ هضم ڪرڻ ممڪن ناهي. انهن عهديدارن ڪيڏو وڏو Risk (يعني خطرو) ڪنيو آهي، اها ڳالهه ڪين اجا شايد سمجهه ۾ نه ايندي پر مرڻ ڪان پوءِ هر ڪنهن کي معلوم ٿي ويندو. بهرحال انهن مان جيڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامتَ جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

ڪنهن ناانصافي ڪئي ۽ ظلم ڪيو، عهدي مان ناجائز فائدو حاصل ڪندي پنهنجي گهر ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ قوم جي مظلومن جي داد رسيءَ ڪان **غفلت** ڪئي تہ اهو **خائن** آهي، ٿي سگهي ٿو تہ سندس شر جي خوف سبب في الحال ڪيس ڪو ڪجهہ نہ چئي سگهي! پر زندگي ڪيستائين سات ڏيندس! ۽ هو هن دنيا ۾ ڪيتري وقت تائين عيش ڪندو رهندو؟ جڏهن اهو قهرِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ جي پڪڙ ۾ ايندو تہ ڪيس ڪو بہ بچائي نہ سگهندو. **خيانت** جو انجام دنيا ۽ آخرت ۾ انتهائي ڀيانڪ هوندو آهي، اڪثر خيانت ڪندڙ حڪمران ۽ آفيسر دنيا ۾ بہ ذليل ۽ خوار ٿيندا آهن ۽ سندن عبرتناڪ انجام ميڊيا جي ذريعي خوب مشهور ٿيندو آهي ۽ عام ماڻهو اهڙن تي **لعنت** ۽ ملامت ڪندا آهن .

## سرڪاري نوڪريءَ جون آفتون

جيڪو ڪنهن بہ منصب تي فائز هجي ان جو پنهنجي منصب جي فرض (يعني ذميداري) ۾ ڪوتاهي ڪرڻ ۽ بنا شرعي مصلحت جي ڊيوٽي پوري ادا نہ ڪرڻ بہ **خيانت** آهي خبردار! دنيا جي آسائش ۽ آرام ڪٿي آخرت ۾ مصيبت جو سبب نہ بڻجي وڃي! هن ۾ خصوصًا اهي ماڻهو مبتلا هوندا آهن، جيڪي سرڪاري ادارن ۾ نوڪري ڪندا آهن، اڪثر ماڻهو غالبًا ان لاءِ حڪومتي نوڪري اختيار ڪندا آهن جو ان جي ڪجهہ ادارن ۾ عمومًا ڪو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

پچڻ وارو ناهي هوندو، جڏهن دل چاهيو ڊيوٽي ڇڏي هليا ويا ۽ جڏهن خيال ٿيو موڪل ڪري ڇڏي يا پنهنجي آفيسر وغيره سان دوستي ڪري ڇڏي ۽ ڪوتاهيون ڪندا رهيا، ۽ ناجائز طور تي موڪلون ڪرڻ يا دير سان اچڻ تي آفيسر ان جي گناهہ کي لڪائيندو رهندو ۽ ملازم جون حاضريون لڳائندو رهندو ۽ سرڪاري ڪمن جو نقصان ڪندو رهندو تہ ياد رکو! اهڙي طرح اهي ٻئي **خيانت** جي مصيبت ۾ مبتلا ٿيندا ۽ ٻنهي جي روزي بہ خراب ٿيندي . صرف نيڪيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو گناهہ ۽ ظلم جي معاملن ۾ هرگز ڪنهن جو تعاون نہ ڪريو جو گناهہ ۾ تعاون ڪرڻ وارو بہ گناهہ ڪرڻ واري جيان جهنم جي عذاب جو حقدار آهي، الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَتَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡبِرِّ وَالتَّقۡوٰى ص وَلَا تَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ ص وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ۝ (پ6 المائدہ آیت 2)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ نيڪي ۽ پرهيزگاري تي هڪٻئي جي مدد ڪريو ۽ گناهہ ۽ زيادتي ۾ هڪٻئي کي مدد نہ ڏيو ۽ الله کان ڊڄندا رهو ، بيشڪ الله جو سخت عذاب آهي -

## ڊيوٽي پوري نہ ڏيڻ گناهہ آهي

جيڪي ماڻهو بنا شرعي مصلحت جي مڪمل ڊيوٽي ناهن ڏيندا، اهي غور فرمائن، مثلاً ڪنهن جي صبح جو 8 بجي کان شام4 بجي تائين ڊيوٽي آهي ۽ اهو 8 بجي بدران نائين بجي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي.

ڊيوٽي تي ويو ته ظاهر آهي ان ڏوهه ڪيو يا 4 بجي بدران 3 بجي ڊيوٽي ڇڏي هليو ويو تڏهن به ڏوهاري آهي، ان هڪ ڪلاڪ يا گهٽ وڌ جيتري به ڊيوٽي گهٽ ڪئي ان وقت جي پگهار ان جي لاءِ حرام ٿي وئي ۽ هڪ يا جيترن ڏينهن جون غير قانوني موڪلون ڪيون آهن، انهن ڏينهن جي پگهار وٺڻ به حرام آهي. جيڪڏهن آفيس کولڻ وارو به دير سان آفيس ايندو هجي ۽ آفيس دير سان کلندي هجي ۽ ڪم دير سان شروع ٿيندو هجي تڏهن به طئي ٿيل وقت تي پهچي ڪري اتي انتظار ڪري. اهڙي طرح چوڪيدار، گن مين، پوليس وارا وغيره به غور فرمائن جيڪڏهن انهن جو بيهي ڪري پهرو ڏيڻ جو اجارو ٿيو آهي ته ڊيوٽيءَ جي دوران ويهي يا سمهي نه ٿا سگهن، ها فرض نمازن جي پابندي ضروري آهي جيڪي هيڏانهن هوڏانهن هليا ويندا آهن يا ڊيوٽي جي دوران سمهي پوندا آهن، انهن جو ڊيوٽيءَ جي دوران غائب ٿي وڃڻ يا سمهي پوڻ تمام وڏي **خيانت** آهي، انهن جي ڪوتاهيءَ جي سبب ڌاڙن بلڪ قتل ۽ غارتگريءَ جو خطرو وڌي ويندو آهي. **ڊيوٽي** جي دوران جيتري دير مجبوري کان بغير غائب ٿيا يا سمهي پيا اوتري دير جي پگهار وٺڻ به انهن لاءِ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ياد رکو!

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

## حرام ڳرهه جي نحوست

مڪاشفة القلوب ۾ آهي: ”ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ جڏهن حرام جو گرهه پيو ته زمين ۽ آسمان جو هر فرشتو ان تي لعنت ڪندو جيستائين اهو گرهه ان جي پيٽ ۾ رهندو ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ (يعني پيٽ ۾ حرام گرهه جي موجودگي ۾) موت اچي ويو ته جهنم ۾ داخل ٿيندو. (مڪاشفة القلوب ص10 دارالڪتب العلميه بيروت)

## بنا اجازت جي نفل نماز ۽ روزو

ها جيڪڏهن ڪو پرائيويٽ اداري ۾ هجي ۽ سيٺ صاحب ان کي روزانو ئي دير سان اچڻ يا جلد وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ته صحيح آهي. ياد رهي! سيٺ جي اجازت کان بغير ڊيوٽي جي دوران نفل نماز به نه ٿا پڙهي سگهو، بلڪ ڪمزوري جي سبب ڪوتاهيءَ جو انديشو هجي ته بغير اجازت جي نفلي روزا به نه ٿا رکي سگهو. ها جيڪڏهن سيٺ يا آفيسر روڪي تڏهن به فرض نمازن ۽ رمضان المبارڪ جي فرض روزن جي ادائگي فرض آهي.

## هڪ ڪفريه جملو

اهڙي طرح بنا شرعي اجازت جي صرف سيٺ يا آفيسر وغيره جي چوڻ تي فرض نمازن جي جماعت (بنا شرعي عذر جي) ڇڏي ڏيندو تڏهن به گنهگار ٿيندو بڻو آهي ته حُسّاس ادارن ۾ ڪجهه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو۔

آفيسر معاذالله عَزَّوَجَلَّ نماز جي مقابلي ۾ ڊيوٽي کي وڌيڪ اهميت ڏيندي نمازي ملازمن کي چئي ڇڏيندا آهن، نماز کي ڇڏيو، هاڻي ڊيوٽيءَ جو وقت آهي، ڊيوٽي پهريون فرض آهي . هن جملي ۾ معاذالله عَزَّوَجَلَّ نماز جي تخفيف ۽ تحقير ڪئي وئي آهي ڇوته هن ۾ نماز تي ڊيوٽي کي فوقيت ڏني وئي آهي .تنهنڪري هي ڪفريہ جملو آهي.

## ست ڪفريہ جملا

صدرُالشَّريعه، حضرت علامہ مفتي محمّد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تعالٰى عَلَيْه بهارِشريعت نائين حصي جي باب "مرتد کا بیان" ۾ نماز جي (فرضيت جي انڪار ۽ ان جي) تخفيف ۽ تحقير جا ست مثال ڏيندي فرمائن ٿا: (1) ڪنهن کي نماز پڙهڻ لاءِ چيو ويو ان جواب ڏنو پڙهان تہ ٿو پر ان جو ڪو نتيجو ناهي يا (2) چيائين تو نماز پڙهي ڇا فائدو ٿيو يا (3) چيائين نماز پڙهي ڇا ڪيان؟ ڪنهن جي لاءِ پڙهان؟ ماءُ پيءُ تہ مري ويا يا (4) چيائين گهڻي پڙهي آهي هاڻي دل گهبرائجي وئي آهي يا (5) چيائين پڙهڻ نہ پڙهڻ ٻئي برابر آهن. مطلب تہ ان قسم جي ڳالهہ ڪرڻ جنهن مان فرضيت جو انڪار سمجهيو وڃي يا نماز جي تحقير ٿيندي هجي هي سڀ ڪفر آهي، (6) ڪو شخص صرف رمضان ۾ نماز پڙهندو آهي بعد ۾ ناهي پڙهندو ۽ چوندو هي آهي تہ اها ئي گهڻي آهي يا (7) چيائين جيتري پڙهي اها ئي گهڻي آهي ڇو تہ رمضان ۾

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنھن مون تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو اللہ تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آھي.

ھڪ نماز ستر نمازن جي برابر آھي ائين چوڻ ڪفر آھي، ان لاءِ جو ان سان نماز جي فرضيت جو انڪار معلوم ٿئي ٿو[1].

## واپاري تي واپار جا مسئلا سکڻ فرض آھن

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** افسوس! واپارين جو وڏو تعداد خيانت ۾ ملوث رھندو آھي، ياد رکو! واپاري تي فرض آھي تہ ھو واپار جا مسئلا سکي تہ جيئن ڄاڻي سگھي تہ ڪھڙي طرح روزي حلال ٿيندي ۽ ڪھڙي طرح حرام؟ توھان مان شايد ڪو ھي سوچي رھيو ھجي تہ مان تہ حلال روزي ڪمائي رھيو آھيان، احتياط بہ ڪيان ٿو، پر منھنجا سادا اسلامي ڀاءُ! جڏھن ڪنھن کي احتياط ڪرڻ ئي نہ ايندو ھجي تہ اھو احتياط ڪيئن ڪندو؟ حضرت اميرالمؤمنين سيّدنا عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: تہ اسان جي بازار ۾ صرف اھو ئي شخص اچي جيڪو دين ۾ **فقيه يعني عالم ھجي**.(ڪيمياءِ سعادت ج1 ص 309) آھ! صد افسوس! اڄڪلھ معاملو ان جي ابتڙ آھي. اڄڪلھ ماڻھو ”زبان قال“سان نہ سھي پر ”زبانِ حال“ سان معاذاللہ عزوجل ضرور چوندا آھن تہ اسان جي بازار ۾ صرف اھو ئي شخص اچي جيڪو سڀ کان وڏو ڌوڪيباز ھجي. (العياذ باللہ عزوجل) شريف ماڻھوءَ جو تہ ھاڻي بازار ۾ ڄڻ داخل ٿيڻ ئي ممنوع آھي.

(1) وڌيڪ ڪفريہ جملن جي معلومات ۽ تجديد ايمان ۽ تجديد نڪاح جو طريقو معلوم ڪرڻ لاءِ امير اھلسنّت جو ڪتاب کفریہ کلمات کے بارے میں معلومات مڪتبة المدينہ تان ھديو ڏئي حاصل ڪريو.

## خريد و فروخت جا مسئلا ڪهڙي طرح سکون ؟

اڄڪلهہ جهڙي طرح حرام خوري ۽ خيانت ڪئي ٿي وڃي. مان نہ ٿو سمجهان تہ اها ڪنهن تي لڪيل هوندي يقيناً جو هڪ وڏو سبب علمِ دين ۽ سنّتن ڀريي مدني ماحول کان دوري آهي. واپارين ۽ خريدارن سيني جي لاء مسئلا سکي وٺن نہ تہ ياد رکو! آخرت ۾ هڪ هڪ ذري جو حساب ٿيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي، فقہ حنفي جي مشهور ڪتاب بهارِ شريعت جو يارهون حصو انهن مسئلن تي مشتمل آهي، ان جو مطالعو ڪريو ۽ سمجهہ ۾ نہ اچڻ جي صورت ۾ ڪنهن صحيحُ العقيده سُنّي عالم ڏانهن رجوع ڪريو، سنّتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جا مدني قافلا بہ آهن، انهن مدني قافلن ۾ سفر اختيار فرمائي ڪري قدم قدم تي بيشمار نيڪيون ڪمايو ۽ سنّتون بہ سکو اهڙي طرح شوق وڌڻ تي وڏيڪ مطالعو فرمائي ڪري روزي بہ سٺري ڪري سگهندؤ ۽ توهان جون نمازون، روزا وغيره عبادتون بہ درست ٿي وينديون .

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٺٽي ڪرڻ جو اصول ياد رکو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي اصول ياد رکو تہ ڪرايو تہ جتي

طئي ڪرڻ ضروري آهي هتي طئي ڪرڻ ضروري آهي مثلاً مزوري، گهر، دوڪان، گاڏي وغيره جو ڪرايو طئي ڪرڻ ضروري آهي ۽ جتي ڦهريان ڪان قيمت، اجرت، يا ڪرايو مقرر آهي ۽ ٻنهي ڌرين کي معلوم آهي ته هاڻي طئي ڪرڻ جي ضرورت ناهي، مثلاً هوٽل جو کاڌو جڏهن ته اگهن جو چارٽ (RATE LIST) موجود آهي، گراهڪ به پڙهي يا ٻڌي معلوم ڪري چڪو آهي يا اتي ماني يا ڀاڄي وغيره جي اگهن جي سڀ ڪنهن کي خبر آهي ۽ کائڻ واري کي به قيمت جي خبر آهي ۽ پڻ روٽ (ROUTE) جي بسن وغيره جا ڪرايا ٻنهي ڌرين کي معلوم آهن ته هي به طئي ڪرڻ جي ئي حڪم ۾ آهي، نئين سرطئي ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! هنن احڪامن کي اسان جي اڪثريت نه ٿي ڄاڻي حالانڪ انهن جو سکڻ ضروري آهي نه ته خوامخواهه جهالت جي سبب ڪان به **خيانت** ٿيندي رهندي . اهو سڀ سکڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو ۽پڻ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ڪندي فڪرِ مدينه (بهتر آهي ته رات جو) ڪريو ۽ ان دوران مدني انعامات جو ڪارڊ ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر توهان پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذميدار

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ڪي جمع ڪرائي ڇڏيو. ان شآءالله عزوجل ان جون برڪتون توهان پاڻ ڏسي وٺندؤ.

## واپار جو ٽيون مال مڪر

شيطان جي واپار جي مال مان هڪ مڪر يعني ڏوڪو بہ آهي جنهن کي هي عورتن جي هٿان وڪڻندو آهي ،پر ان جو مطلب هي ناهي تہ مرد مڪر ناهن ڪندا "مڪر" چاهي مرد ڪري يا عورت جيڪو بہ ڪري اهو ڏوهاري آهي. نقصان پهچائڻ جي لاءِ مسلمان سان ڏوڪيبازي ڪرڻ گناهِ ڪبيرہ، حرام ۽ جهنم ۾ پهچائڻ وارو ڪم آهي .

## ڏوڪيباز ملعون آهي

اميرالمؤمنين حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رضى الله تعالى عنه کان روايت آهي رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَياح افلاڪ صلى الله تعالى عليه واله وسلم ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنهن مسلمان کي تڪليف پهچائي يا ان سان مڪر يعني ڏوڪيبازي ڪري اهو ملعون آهي . (جامع ترمذي ج3ص378حديث1948دارالفڪر بيروت) هڪ ٻي روايت ۾ آهي سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صلى الله تعالى عليه واله وسلم جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو ڪنهن کي نقصان پهچائندو الله تعاليٰ ان کي نقصان پهچائيندو ۽ جيڪو ڪنهن کي مشقت ۾ وجهندو الله عزوجل ان کي مشقت ۾ وجهندو. (سنن ابن ماجہ ج 3ص 107حديث 2342دارالمعرفہ بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

## جنت ۾ داخلا بند

مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو فرمان عبرتِ نشان آهي: جيڪو اسان سان ڌوکيبازي ڪندو اهو اسان مان ناهي ۽ مڪر ۽ ڌوکيبازي جهنم مان آهي. (طبراني ڪبير ج 10 ص 138حديث 10234دار احياء التراث العربي بيروت) هڪ ٻي جڳهه تي سرڪار مدينه صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم فرمايو آهي ته ٽي شخص جنّت ۾ داخل نه ٿيندا (1) ڌوکيباز(2) احسان جتائڻ وارو (3) بخيل .

(ترمذي شريف ج3ص388حديث 1970دار الفڪر بيروت)

## احسان جتائڻ نقصان ڪار آهي

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** اڄڪلهه مڪر ۽ فريب وانگر ٿورو جتائڻ وارو مرض به مسلمانن ۾ عام آهي. ياد رکو! ٿورو جتائڻ سان اها نيڪي ئي ضايع ٿي ويندي آهي. مثلاً زيد ٻين جي سامهون ٻڌائيندي بڪر کي چيو، ادا! هي ته منهنجو ٿورو مڃ جو مون توکي نوڪري ڏياري آهي، منهنجو شڪريو ادا ڪر، مون توکي وضو ڪرڻ سيکاريو آهي، اهڙيءَ طرح شيطان ان جون نيڪيون ضايع ڪرائي ڇڏيندو آهي، بلڪ طعني هڻڻ سان مسلمان جي دل به ڏکندي آهي، الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰى

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجا صدقا (خيرات) ضايع نه ڪريو ٿورو جتائي ۽ تڪليف ڏئي. (پ 3 سورة البقرة آيت 264)

## نذرانو ڏيڻ جو انداز

**مفتي احمد يار خان نعيمي** علیہ رحمۃ اللہ المنان "**نورالعرفان**" ۾ فرمائن ٿا: هن مان اشارةً معلوم ٿي رهيو آهي ته جيڪڏهن صدقو ظاهر ڪرڻ سان فقير جي بدنامي ٿيندي هجي ته صدقو ان کي لڪائي ڪري ڏيو ته جيئن ڪنهن کي خبر نه پوي . اهڙي صورت ۾ صدقي کي ظاهر ڪرڻ "اذيٰ" (يعني ايذا ڏيڻ) ۾ داخل آهي. "تنهن ڪري علماء ومشائخ وغيره جي به جڏهن مالي خدمت ڪريو ته لفافي وغيره ۾ وجهي ڪري اهڙي طرح ڏيو جو ڪنهن کي هي سمجهه ۾ نه اچي ته توهان ڪين نذرانو پيش ڪيو آهي، ڪجهه ماڻهن جو انداز هي هوندو آهي ته امام صاحب وغيره جي هٿ ۾ پيسا رکي سندس مٺ کي مخصوص انداز ۾ بند ڪري ڇڏيندا آهن، اهڙي طرح ڏسڻ وارو اهو ئي سمجهندو هوندو ته ڪيس نذرانو ڏنو آهي، بلڪ ڪجهه ماڻهو ته دعا جي لاءِ پرچي به انهيءَ طريقي سان ڏيندا آهن جو ماڻهن تي تاثر قائم ٿيندو آهي ته "سائين"کي نذرانو ڏنو ويو آهي! چٽي ڏيڻ جو هي انداز وچٽري حيثيت رکڻ وارن جي لاءِ تڪليف جو باعث ٿي سگهي ٿو.

## شيخ شبلي جي ٺوڪي سان نفرت

ٺوڪو تمام بري آفت آهي اسان جا بزرگ ٺوڪي بازي کان گهڻي نفرت ڪندا هئا جيئن منقول آهي حضرت سيدنا شيخ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جڏھن توھان مرسلين (عليھم السلام) تي درود شريف پڙھو تہ مون تي بہ پڙھو بيشڪ آءُ سيني جھانن جي ربّ جو رسول آھيان.

شبلي رضی اللہ تعالیٰ عنہ (علمِ نحو يعني الفاظ ملائي جملو ٺاھڻ جو فن) سکڻ ھڪ شخص وٽ تشريف وٺي ويا، استاد چيو: چئو ضَرَبَ زَيدُ عَمَرواً يعني زيد عَمَرو کي ماريو. پاڻ استاد کان پڇا ڪئي: ڇا واقعي زيد عمرو کي ماريو ھو؟ انھن چيو: نہ، ھي تہ ھڪ مثال آھي حضرت سيدنا شيخ شبلي رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمايو جنھن علم جي شروعات ۾ ڪوڙ ھجي مان ان کي نٿو سکان. (نزھة المجالس ج1ص191 باب الزکواة)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توھان! حضرت سيدنا شيخ شبلي رضی اللہ تعالیٰ عنہ ڏوکي سان ڪيتري قدر نفرت ڪندا ھئا ھي اوھان جي تقوي جي انتھا ھئي نہ تہ اھا مثال شرعاً پڪڙ جوڳي نہ ھئي .

## امام بخاري ۽ گھوڙي کي ڏوکو ڏيڻ وارو

قرآن پاڪ کان پوءِ سند جي اعتبارکان احاديث مبارڪ جي مجموعي "صحيح بخاري شريف" جو درجو آھي، حضرت سيّدنا شيخ محمد بن اسماعيل بخاري رضی اللہ تعالیٰ عنہ سخت محنت سان احاديث مبارڪ کي جمع ڪري امت تي عظيم احسان فرمايو آھي. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي تقويٰ ۽ احتياط جي ھڪ جھلڪ ملاحظہ فرمايو: امام بخاري رضی اللہ تعالیٰ عنہ ھڪ شخص کان حديث وٺڻ ويا، اتفاق سان ان جو گھوڙو ڊوڙي پري بيھي رھيو ھو ۽ پنھنجي چادر جي جھولي ناھي ان ۾ ھٿ وجھي گھوڙي کي اھڙي طرح اشارو ڪري رھيو ھو جڻ ان ۾ جَوَ آھن پوءِ داڻو کائڻ جي لالچ ۾ گھوڙو ويجھو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

آيو ته ان شخص ان کي پڪڙي ورتو. حضرت سيّدنا امام بخاري رضی اللہ تعالیٰ عنہ ان کان پڇيو ته تنهنجي جهولي ۾ واقعي جَوَ هئا؟ ان چيو ته نه، مان ته ان کي پڪڙڻ جي لاءِ ايئن ڏوڪو ڏئي رهيو هوس. (تنهن تي) فرمايائون: مان **سرڪارِ مدينه** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم **جي مبارڪ حديث اهڙي شخص کان کيئن وٺان جيڪو جانورن سان ڪوڙ ڳالهائي يعني انهن کي ڏوڪو ڏئي ٿو!** (نزهة المجالس ج1ص191 باب الزکواة دارالکتب العلميه بيروت) **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي اسان جي بزرگن جي سوچ مدني سوچ هئي، انهن جو ذهن جتي پهچندو هو، اتي اسان جي ذهن جي پهچ ناهي **الله** عزوجل اسان سيني کي مڪر جي تباهه ڪارين کان محفوظ فرمائي .

اٰمين بجاه النبي الامين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

## واپار جو چوٿون مال حسد

**شيطان** جي واپار جو چوٿون مال **حسد** به آهي جنهن کي پنهنجي قول مطابق هو علم وارن جي هٿ وڪڻندو آهي .

## حسد ڇا کي چئبو آهي

حسد ڪرڻ واري کي حاسد ۽ جنهن سان حسد ڪيو وڃي ان کي محسود چيو ويندو آهي. لِسانُ العرب ج 3 ص 166 **تي حسد جي** معنيٰ هيئن بيان ڪئي وئي آهي. اَلحَسَدُ اَن تتمنّي زَوَالَ نِعمَةِ المَحسُودِ اِلَيک يعني حسد هي آهي ته تون تمنا ڪرين ته محسود جي نعمت ان کان زائل ٿي ڪري توکي ملي وڃي .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

## حسد جي تعريف جو آسان لفظن ۾ خلاصو

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل تعريف مان معلوم ٿيو ته ڪنهن وٽ ڪا نعمت ڏسي ڪري تمنا ڪرڻ ته ڪاش! هن کان هي نعمت ڪسجي مون کي حاصل ٿي وڃي. مثلاً ڪنهن جي شهرت يا عزّت سان نفرت جو جذبو رکندي خواهش ڪرڻ ته ڪنهن طرح سان هي ذليل ٿي وڃي ۽ هن جي جڳهه تي مونکي عزّت جو مقام حاصل ٿي وڃي، ۽ پڻ ڪنهن مالدار سان ساڙ ڪندي هيءَ تمنا ڪرڻ ته ان جو ڪنهن طرح سان نقصان ٿي وڃي ۽ هي غريب ٿي وڃي ۽ مان ان جي جڳهه تي دولتمند بڻجي وڃان .

## ننڍن ٻارڙن جو حسد تي درس

**ياد رکو!** حسد انتهائي خراب جذبو ۽ بيوقوفن جو طريقو آهي. ڪڏهن ڪڏهن "ننڍڙا مبلّغ" حسد جي طرف اسان جو ڌيان ڌياريندا آهن پر اسان سمجهي نه سگهندا آهيون. جي ها مون کي ايئن لڳندو آهي ته ٻي سمجهه ٻار پنهنجي ناداني وارين حرڪتن سان اسان کي گهڻو ڪجهه سيکاري رهيا هوندا آهن. جيڪڏهن توهان جي گهر ۾ ننڍا ننڍا ٻار هوندا ته توهان شايد هي منظر ڏٺا هوندا، جڏهن هڪڙي کي جهوليءَ ۾ کڻندا آهيو ته ٻيو روئڻ ۽ ان کي مارڻ لڳندو آهي ۽ پنهنجي انداز سان احتجاج

ڪندو آهي ته هن کي گود ۾ چو کنيو؟ ان جو مطالبو هوندو آهي ته هن کي هٽاءِ ۽ مون کي کڻ، يقين ڄاڻو هي حسد جو زبردست مثال آهي، جنهن ٻار کي توهان گود ۾ کنيو آهي ظاهر آهي ان کي گود ۾ ويهڻ جي ”نعمت“ حاصل ٿي، هاڻي ٻيو ٻار انهيءَ لاءِ روئي رڙي رهيو آهي ته ان کان هيءَ ”نعمت“ کسجي مون کي ملي وڃي يعني هن کي هٽائي مون کي گود ۾ ويهاريو وڃي. نابالغن جو گناهه شمار ناهي ٿيندو ۽ تمام ننڍڙا ٻار لاشعوريءَ ۾ ائين ڪندا آهن. ان لاءِ مان عرض ڪري رهيو آهيان ته هي ننڍڙا مبلغ جيڪي ڄڻ ته زبانِ حال سان سمجهائي رهيا آهن ته اي وڏؤ! اسان جيتوڻيڪ ٻار هئڻ جي باعث نادان آهيون پر توهان جهڙن دانائن کي عملي طور تي حسد جي باري ۾ سمجهائي رهيا آهيون، اسان ته نادان هئڻ سبب چٽي ويندا سين چو ته حسد ڪرڻ نادانن ۽ بيوقوفن جو ئي طريقو آهي، جيڪڏهن توهان حسد ڪندؤ ته دنيا ۽ آخرت جو تمام گهڻو نقصان ڪري ويهندؤ!

## نعت خوان سان حسد!

عام طور تي ماڻهن جي هر طبقي ۾ حسد موجود آهي، ايتري تائين جو نيڪ نظر ايندڙ به اڪثر ان ۾ مبتلا نظر ايندا آهن پر حقيقي مدني سوچ نه هئڻ سبب ان ڏانهن توجهه ناهي هوندي ۽ اهي گناهگار ٿيندا رهندا آهن. مثلاً في زماني نعت خوانن کي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه وَاٰلِهٖ وسلَّم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

ئي وٺو، انهن ۾ جنهن جو آواز سيني کان سٺو هوندو ممڪن آهي ته ان کان گهٽ درجي جي آواز وارو نعت خوان حسد ڪري ۽ شيطان ان جي دل ۾ هيءَ حسرت پيدا ڪري ته هن وڏي نعت خوان جي سبب ماڻهو مونکي اهميت نه ٿا ڏين، ڪاش! هن جو آواز خراب ٿي وڃي ته جيئن مان ماڻهن جي توجهه جو مرڪز بڻجي وڃان، ۽ ان جي جڳهه تي منهنجو نالو اخبارن ۽ اشتهارن ۾ ايندو رهي، ماڻهو مون کي اسٽيج تي به ويهارين، هار به پارائن ۽ مون تي نوٽ به وسائن، توهان غور ته فرمايو ته هي حسد آهي يا نه؟ نعت خوان هجن يا قاري صاحب، اهي به شيطان کان محفوظ نه ٿا رهي سگهن، خصوصًا حُسنِ قراءت يا حُسنِ نعت جي مقابلن ۾، جيتوڻيڪ انهن ۾ حوصله افزائي جو پهلو به هوندو آهي، نعت ۽ تلاوت جو شوق به وڌندو آهي پر انهن ۾ هر هڪ جي اها ئي آرزو هوندي ته مان سيني کي شڪست ڏئي ڇڏيان ۽ سيني کان بهتر انداز ۾ نعت پڙهان. سيني کان بهترين قراءت ڪريان جيڪڏهن ڪو ٻيو نعت خوان يا قاري پهريون نمبر آيو ته جيڪو ٻيو نمبر آيو اهو ويچارو امتحان ۾ پئجي ويندو آهي ۽ ان جي دل ۾ صدمو ضرور پيدا ٿيندو هوندو ته ڪاش! مان پهريون اچان ها! ڪٿي ان جي اها معنيٰ ته ناهي ته منهنجو هي مسلمان ڀاءُ ڇو پهريون نمبر آيو؟ ڪاش! هن جي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

گلو ويهجي وڃي ها ۽ هن ڪي جيڪا پهرين پوزيشن جي ”نعمت“ ملي آهي اها هن کان ڪسجي مون ڪي ملي ها! ان قسم جي تمنّا حسد آهي يا نہ؟ ان جو فيصلو مان توهان تي ڇڏيان ٿو. ۽ مدرسن جي امتحانن ۾ بہ جن کي بهترين پوزيشن حاصل ٿيندي هوندي، انهن جي باري ۾ بہ شايد ڪجهہ شاگرد حسد جي سبب تمنّا ڪندا هوندا تہ ڪاش! انهن جي بدران اسان سڀني پوزيشن ڪٺون ها! گڏوگڏ بدگمانيون ۽ غيبتون ۽ الزام بازيون بہ ٿينديون هونديون تہ مان تمام گهڻي تياري ڪئي هئي پر امتحان وٺندڙ ناانصافي ڪئي وغيره .

## رياڪاري جي تباهہ ڪاري

**حُسن** قراءت يا نعت خواني جي مقابلي ۾ جيڪو ٻيو نمبر آيو اهو پهرين نمبر اچڻ واري سان ۽ جيڪو ٽيون نمبر آيو اهو ٻئي ۽ پهرين نمبر اچڻ واري سان جيڪڏهن حسد ڪري ٿو يا تہ پنهنجي گمان ۾ هي سمجهي ٿو تہ مان بهترين آواز ۾ قراءت ڪئي يا نعت پاڪ پڙهي پر پوءِ بہ مان ٽيون نمبر آيس ۽ ماڻهن کي چوي ٿو تہ هي جج صاحبن جي ناانصافي آهي تہ پوءِ هو تهمت ۽ غيبت وغيره بدگماني جي آفت ۾ ڦاٿو، ان ۾ رياڪاري جا بہ خطرا آهن. جڏهن تہ ان نعتِ پاڪ الله عزوجل ۽ ان جي رسول صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي لاءِ ناهي صرف ”ميڊل“ حاصل ڪرڻ،

ٽرافي کٽڻ، انعام يا رقم حاصل ڪرڻ جي لاءِ پڙهي هئي ۽ انهي لاءِ ئي ڪوشش ڪئي هئي تہ مان پهريون نمبر اچان تہ جيئن اخبارن ۾ منهنجي تصوير يا نالو اچي وجي ۽ منهنجي خوب واهہ! واهہ! ٿئي، سڀ منهنجي آواز جي تعريف ڪن، مبارڪون ۽ تحفا پيش ڪن وغيره اهڙي طرح ثواب جي ڪا اميد ناهي بلڪ رياڪاريءَ جي آفت ۾ مبتلا هئڻ جي سبب عذاب ملي سگهي ٿو، اهڙي طرح جا مقابلا شرعًا درست آهن پر شرڪت ڪرڻ واري کي پنهنجي دل تي غور ڪرڻ گهرجي تہ ان ۾ ڪيترو اخلاص آهي.

## ﮬ شعر برڪت جي لاءِ پڙهڻ ڏيو؟

ڪٿي وڏو اجتماع هجي، ايڪو سائونڊ لڳل هجي تہ عوام جو ميڙ ڏسي تقريبًا هر هڪ کي مائيڪ تي اچي بيان ڪرڻ، قراءت ڪرڻ يا نعت شريف پڙهڻ لاءِ دل چوندي هوندي، جيڪڏهن نعتون رڪارڊ ڪيل هجن تہ پوءِ ڪيسيٽ ۾ صرف پنهنجي پڙهيل نعت شريف جي ڳولا هوندي تہ منهنجو ﮬ ڪٿي آواز آهي يا نہ! جيڪڏهن ڪيسيٽ ۾ آواز ناهي تہ ڏکارو ٿيندو هوندو، اهڙي طرح هي غمگين ٿيڻ ڇا لاءِ؟ ۽ پڻ سني آواز واري نعت خوان ۽ قاري جي هيءَ خواهش تہ منهنجي ڪيسيٽ بازار ۾ اچڻ گهرجي، ڇا هن خواهش ۾ اخلاص جي ﮬ ڪا اميد آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ قراءت ۽ نعت هئي يا ڪيسيٽ جي لاءِ؟

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي.

جيڪڏهن ڪٿي تمام وڏو اجتماعِ ذڪر و نعت ٿي رهيو آهي، ايڪو سائونڊ لڳل آهي ته ڪي چوندا آهن ته برڪت جي لاءِ به شعر مون کي به پڙهڻ ڏنا وڃن. براءِ مهرباني پنهنجي دل جي اندر جهاتي پائي ڏسو ته برڪت گهرجي يا شُهرت! جيڪڏهن واقعي به توهان برڪت ئي چاهيو ٿا ته منهنجو مدني مشورو آهي ته گهر جو بند ڪمرو هجي ۽ گنبد خضرا جو تصور هجي پوءِ نعت شريف پڙهو. ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ رياڪاري کان به بچت ۽ برڪت ئي برڪت بلڪ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ برڪتن جي برسات ٿيندي ۽ توهان جو اعمال نامو نيڪين جي نور سان پرجي ويندو. اَلعَاقِلُ تَکفِیه الاِشَارةُ يعني عقلمندن جي لاءِ اشارو ئي ڪافي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي اخلاص نصيب فرمائي.

دل میں ہو یاد تری گوشہ تنہائی ہو
پھر تو خلوت میں عجب انجمن آرائی ہو

## پوشيده عمل جو ستر ڀيرا وڌيڪ ثواب

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پنهنجي عملن کي اخلاص سان سنوارڻ گهرجي. حديث پاڪ ۾ آهي: ظاهري عملن جي مقابلي ۾ پوشيدا عمل ستر درجا افضل آهي. (کنزالعمال ج1 ص447 حديث1929)

## رياڪار جي ذلت

يقينًا ڏيکاءَ جي عمل ۾ ڪا ڀلائي ناهي، مصطفيٰ ڪريم صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جو فرمان آهي: رياڪار کي قيامت جي ڏينهن آواز

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

ڏنو ويندو، اي فاجر! اي ڌوڪيباز! تنهنجو عمل ضايع ٿيو ۽ ثواب ختم ٿي ويو، پنهنجو اجر ان کان وٺ جنهن جي لاءِ تون عمل ڪندو هئين. (الدرالمنثور ج1 ص30) هڪ ٻي (وڏي) حديث ۾ هي آهي تہ (رياڪارجي باري ۾) الله تعاليٰ فرشتن کي حڪم فرمائيندو آهي، هن شخص پنهنجي عمل سان منهنجي رضا جو ارادو نہ ڪيو تنهنڪري ان کي سِجّين (دوزخ) ۾ وجهو.

(ڪتاب الزهدو الرقائق ص 153حديث 452)

## رشڪ ڇا آهي

جيڪڏهن سني مبلغ، سٺي آواز واري قاري يا نعت خوان وغيره جي باري ۾ هي سوچيو تہ منهنجو آواز بہ هن جهڙو ٿي وڃي تہ هي حسد ناهي بلڪ غِبطو (يعني رشڪ) آهي جو هن ۾ ٻئي جي نقصان جي آرزو ناهي ڪئي وئي ۽ هي جائز آهي ۽ حسد ۾ جيئن تہ ٻئي جي نقصان جي خواهش هوندي آهي ان لاءِ حسد جائز ناهي. جيئن تہ:

## آهہ ! حسد جي بربادي

حسد جي تعريف هاڻي عرض ڪئي هئي حسد هي آهي تون تمنا ڪرين تہ محسود (يعني جنهن سان حسد ڪيو وڃي ان) جي نعمت کسجي تو کي ملي وڃي. (لسان العرب ج 3ص166) حسد ڪرڻ واري جي باري ۾ روايت آهي تہ حسد ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جي تقسيم تي راضي ناهي (اربعين نووي للامام النووي ص 50) جڏهن تہ معاذالله

هو اعتراض ڪري رهيو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ هن کي اها نعمت ڇو ڏني. حديث پاڪ ۾ اچي ٿو ته حسد نيڪين کي اهڙي طرح کائي ڇڏيندو آهي. جهڙي طرح باهه ڪاٺين کي کائي ويندي آهي. (سنن ابن ماجه شريف ج4ص472 حديث 4210 دارالمعرفة بيروت)

## چونڊون ۽ حسد

حسد جو اظهار اليڪشن ۾ خوب ٿيندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن جي پوزيشن مضبوط هوندي آهي ته ڪمزور اميدوار صرف تمنّا ئي نه بلڪ پورو زور لڳائيندو آهي ڪهڙي طرح سان سامهون واري جي ”بهتر پوزيشن“ ان کان ڪسجي مون کي ملي وڃي ۽ ان کي ملڻ واري ”ڪرسي“ مونکي حاصل ٿي وڃي، چاهي انهيءَ جي لاءِ بليڪ ميلنگ ڪرڻي پوي، ڪوڙ ڳالهائڻو پوي، غلط افواهه ڦهلائڻا پون، غلط الزام هڻڻا پون، ووٽ خريدڻا پون يا هٿيار استعمال ڪرڻا پون، مطلب ته شيطان ان کي چريو بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ حسد جي باهه ۾ هو نه ننڍو گناهه ڇڏيندو آهي نه وڏو، الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي نافرماني ۽ آخرت جي بربادي جي ان کي ڪا پرواهه ناهي هوندي، سڪرات جي سختين، قبر جي وحشتن، قيامت جي هولناڪين ۽ جهنم جي ڀڙڪندڙ خوفناڪ شعلن کان قطع نظر هو صرف هڪ ”عارضي ڪرسي“ جي خاطر پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڇڏيندو آهي! هي نادان ايترو نه ٿو سوچي ته

جيڪڏهن دل آزاريون، ووٽرن جون خريداريون ۽ طرح طرح جون ڏانڌليون ڪري مان "ڪرسي" حاصل ڪري به ويس تڏهن به ڪيستائين عيش عشرت ڪندو رهندس؟ ۽ مان هن "ڪرسي" تي ڪيستائين ويٺو رهندس؟

## اقتدار جي بار تان روئڻ

اقتدار جي نشي ۾ مست رهڻ وارا غور فرمائن، آخرت جو فڪر رکڻ وارا حڪمران اقتدار جي معاملي ۾ ڪيترا فڪرمند رهندا آهن، جيئن ته تاريخ الخلفاء ۾ آهي، اميرُالمؤمنين حضرت سيّدنا عمر بن عبد العزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي گهرواري رضی اللہ تعالیٰ عنہا بيان ڪيو ته جڏهن پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ خلافت جي مسند تي ويٺا ته گهر ۾ اچي مصلي تي ويهي روئڻ لڳا، ايتري تائين جو سندن ڏاڙهي مبارڪ ڳوڙهن سان آلي تي وئي، مون عرض ڪيو: يا امير المؤمنين توهان ڇو ٿا روئو؟ فرمايائون: منهنجي ڪنڌ تي امتِ محمدي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بار وڌو ويو آهي. مان بکايل فقير، ضايع ٿي ويل مريض ۽ اگهاڙي بکايل ۽ مظلوم قيدي، مسافر، ٻڍي، ٻار ۽ عيالدار مطلب ته سڄي دنيا جي ستايلن جي سار لهڻ متعلق غور ڪريان ٿو ته ڪٿي انهن جي متعلق خدا تعاليٰ پڇا ڪري ۽ مان جواب نه ڏئي سگهان، تنهنڪري اها ڳري ذميداري ۽ ڳڻتي روئاري رهي آهي .

(تاريخ الخلفاء ،اردو ص472)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

آهه! آريءَ سان چيرجڻ، ديگڙيءَ ۾ اوٻارڻ ۽ جيئري کل لاهڻ ڪان به وڌيڪ تمام وڌيڪ ۽ شديد ترين موت پنهنجي تمام تر سختين سميت وات کولي پيڇو ڪري رهيو آهي، جيڪو عنقريب مسلط ٿي ويندو، ياد رکو! موت عنقريب عاليشان گهرن ۾ وڇايل آرامده پلنگن تان ڪٽي انڌيري قبرن ۾ مٽيءَ جي فرش تي سمهاري ڇڏيندو، نه اقتدار ڪم ايندو نه عهدو بچائي سگهندؤ، هاءِ! غور ته ڪيو!

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے
جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمُونے مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بونے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُونے جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سونے
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

الحمدللہ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جو پيغام (هي سٽون لکڻ تائين) دنيا جي تقريبا 72 ملڪن ۾ پهچي چڪو آهي، دعوت اسلامي جا مدني قافلا هر جڳهه تي سنّتن جون بهارون ڦهلائي رهيا آهن، نه اسان ڪنهن ملڪ جي سياست ۾ دخل ڏيندا آهيون نه ئي اقتدار جا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏِينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

طالب آهيون، اسان جي منزل دنياوي حڪومت نہ، ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي رضا آهي، اسان بادشاهت جا تمنائي ناهيون مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي غلاميءَ جا شيدائي آهيون اسان کي سلطنت نہ مديني شريف جي دربار جي گدائيءَ جو عزّت وارو تاج گهرجي ھي اھا عظيم دولت آھي جنهن کي زوال ناهي، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪومديني جو فقير آهي، دنيا جا بادشاهہ ۽ امير ان جي ٺُڏن ۾ آهن .

تختِ سکندری پر وہ تھوکتے نہیں ہیں
بستر لگا ہوا ہے جن کا تری گلی میں

کس چیز کی کمی ہے مولیٰ تری گلی میں
دنیا تری گلی میں عُقبیٰ تری گلی میں

دیوانہ کردیا ہے دیوانہ ہوگیا ہوں
دیکھا ہے میں نے ایسا جلوہ تری گلی میں

دیوانگی پہ میری ہنستے ہیں عقل والے
رَستہ تِری گلی کا پوچھا تِری گلی میں

## شهرت سان محبت جي مذمت

الله پاڪ عَزَّوَجَلَّ شاهِ لولاڪ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي صدقي ناجائز طريقي سان حاصل ٿيڻ واري عزّت ۽ شهرت کان بچائي، خدا جو قسم! شهرت سان محبت يعني عزّت ۽ مرتبي کي ماڻڻ جي لالچ تمام وڏي آفت آهي، جيئن تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو ارشاد عبرت نشان آهي: ٻہ بکيا بگهڙ جن کي ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ڇڏيو وڃي ايترو نقصان ناهن ڪندا جيترو مال ۽ مرتبي جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پهچائيندي آهي. (مُسند احمد ج5ص 350رقم15784دار الفکر)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

## بنا حساب جي جهنم ۾

حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما روايت ڪن ٿا تہ نبي ڪريم رؤف رحيم علیہ افضل الصلوٰۃ والتسلیم جو فرمانِ عظيم آهي: ”ڇهہ شخص اهڙا آهن جيڪي بنا حساب جي جهنم ۾ وڏا ويندا عرض ڪيو ويو، يارسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم! اهي ڪير آهن؟ فرمايائون: (1) حڪمران پنهنجي ظلم جي سبب (2) عرب وارا پنهنجي تعصب جي سبب (3) ڳوٺ جو سردار تڪبُّر جي سبب (4) واپاري خيانت جي سبب (5) ڳوناڻا پنهنجي جهالت جي سبب (6) ۽ علم وارا پنهنجي حسد جي سبب. (اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 486 دارالڪتب العلميہ بيروت) ۽ پڻ رحمتِ عالميان صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي تہ حاسد، چغل خور ۽ ڪاهن اهي ٿئي نہ منهنجا آهن ۽ نہ مان انهن جو. (مجمع الزوائد ج8ص173رقم الحديث 13126دارالفڪر بيروت)

## ڪاهن ڪنهن کي چئبو آهي؟

ڪاهن ان شخص کي چوندا آهن جيڪو جِنّن کان پڇي پڇي پنهنجي غلط گمان ۾ غيب جون خبرون ٻڌائي. حالانڪہ قرآن پاڪ مان ثابت آهي تہ جِنّات کي غيب جو علم ناهي هوندو، جيڪي عامل جِنّات کي قابو ڪري رکندا آهن، ۽ انهن کان بيماريءَ جا سبب پڇندا آهن ۽ غيبي معلومات جي لاءِ سوال جواب جو سلسلو ڪندا آهن، انهن کي توبہ ڪرڻ ضروري آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

۽ پڻ جيڪي ماڻهو هي سمجهندا آهن ته انسان تي انسان يعني ڪنهن بزرگ جي سواري ايندي آهي اهي يقين ڄاڻن ته هيءَ سخت غلط فهمي آهي، اهي سڀ جنّات جا ڪارناما آهن جيڪي ڪوڙ ۾ ڪنهن بزرگ جو نالو ڪٽي نيڪيءَ جون ڳالهيون ٻڌائي ماڻهن کي گڏ ڪندا آهن. انهن جو اصل مقصد نيڪيءَ جي دعوت نه بلڪ مردن ۽ عورتن جا ٽولا جمع ڪري مزو وٺڻ هوندو آهي. جن علائقن يا گهراڻن ۾ جهالت گهڻي هوندي آهي اتي جنّات اهڙيءَ طرح جون حرڪتون به گهڻيون ڪندا آهن، جن کي ”حاضري“ ايندي آهي عمومًا انهن کي حال حقيقت جو علم ئي ناهي هوندو. حالانڪ اهڙا ماڻهو آسيب زده هوندا آهن، انهن کي پنهنجو علاج ڪرائڻ گهرجي. منهنجا آقا اعلٰحضرت رضی اللہ تعالیٰ عنه فرمائن ٿا: ”حاضرات جا موڪّل جنّن کان پڇندا آهن ته فلاڻي مقدمي ۾ ڇا ٿيندو؟ فلاڻي ڪم جو انجام ڇا ٿيندو؟ هي حرام آهي. (وڌيڪ اڳتي هلي فرمائن ٿا) ته هاڻي جِنّ غيب کان بلڪل جاهل آهن انهن کان آئيندي جي ڪا ڳالهه پڇڻ عقلي طور تي بيوقوفي ۽ شرعي طور تي حرام آهي ۽ جيڪڏهن انهن جي غيب داني جو عقيدو هجي ته ڪفر آهي. (فتاوي آفريقه سوال 102جي جواب تان ورتل) تفصيلي معلومات جي لاءِ منهنجورسالو ”جِنّات کی حکایات“ مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪريو .

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

## جِنات جي دوستي

منهنجا آقا اعلٰحضرت رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا تہ حضرت سيّدنا شيخ اڪبر (**محي الدين ابن عربي**) رضی اللہ تعالیٰ عنہ **فرمائن ٿا:** گهٽ ۾ گهٽ اهو نقصان جيڪو جِنّن سان دوستي رکڻ سبب ٿيندو آهي اهو هي آهي تہ ماڻهو مغرور ٿي ويندو آهي. (فتاويٰ رضويہ تخريج شده ج 21ص218) يقينًا جيڪو تڪبُّر ڪندو آهي اهو انتهائي نادان آهي ۽ هو سمجهندو آهي تہ مونکي تڪبُّر جي سبب عزّت ملندي، منهنجو رُعب ۽ دٻدٻو قائم ٿيندو ۽ مان وڏو بڻيو رهندس حالانڪ اها سراسر غلط فهمي آهي. وڏو تہ اهو آهي جيڪو عاجزي ڪندو آهي، ياد رکو! گل ان زمين تي ٿڙندا آهن جيڪا نرم ۽ عاجز هوندي آهي جيئن

## عاجزي بلندي جو باعث

حديث پاڪ ۾ آهي تہ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر عاجزي اختيار ڪندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جا درجا بلند فرمائيندو آهي، ايتري تائين جو ان کي عِلّيين جي مرتبي تائين پهچائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي معاملي ۾ تڪبّر ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مرتبي کي گهٽائي ڇڏيندو آهي ايتري تائين جو ان کي سڀ کان هيٺين درجي ۾ ڪري ڇڏيندو آهي .

(مسند امام احمد ج4ص152رقم الحديث11724دار الفڪر بيروت)

منهنجا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تعالیٰ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا:

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

رضاؔ جو دل کو بنانا تھا جلوہ گاہِ حبیب
تو پیارے قیدِ خودی سے رَہیدہ ہونا تھا

شايد انهيءَ مقطع کي آسان لفظن ۾ بيان ڪندي اقبال چيو آهي:

مٹا دے اپنی ہستی کو گر کچھ مرتبہ چاہے
کہ دانہ خاک میں مل کر گلِ گلزار ہوتا

## "حسد تباهي آڻيندڙ آهي" جي 17 حرفن جي نسبت سان حسد جا 17 علاج

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حسد حرام آهي. تنهن ڪري حاسد تي ان جو علاج فرض آهي. حسد جا 17 علاج ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو (1) حسد کان بچڻ لاءِ ربِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ٻاڏائي ڪري دعا گهري (2) حسد جي تباهه ڪارين ۽ نقصانن کي ذهن ۾ ورجائيندو رهي (3) پنهنجو پاڻ کي ڊيڄاريندو رهي ته ڪٿي الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم مون کان ناراض ٿي ويا ۽ جيڪڏهن حسد جي نحوست کان معاذالله ايمان برباد ٿي ويو ته هميشه هميشه جي لاءِ جهنم ۾ رهڻو پوندو (4) پنهنجي موت کي ڪثرت سان ياد ڪري، مُسند امام احمد ۾ حضرت سيّدنا ابوالدرداء رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي ته جيڪو موت کي ڪثرت سان ياد ڪندو ان جي حسد ۽ خوشيءَ ۾ ڪمي اچي ويندي. (اتحاف السادة المتقين ج 14 ص29) (5) پاڻ کان وڌيڪ نعمتن رکڻ واري جي باري ۾ سوچڻ سان اڪثر احساس ڪمتري پيدا ٿيندي آهي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

۽ پوءِ ان سان حسد پيدا ٿيندو آهي تنهن ڪري ابن ماجہ جي هن حديث پاڪ کي هانءُ سان هنڊايو، فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم آهي: پاڻ کان هيٺين درجي وارن ڏانهن ڏسندا ڪريو، مٿين درجي وارن ماڻهن ڏانهن نظر نہ ڪريو، جيڪڏهن توهان ايئن ڪندؤ تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪنهن بہ نعمت کي حقير نہ ڄاڻيندؤ. (سنن ابن ماجہ ج4 ص443حديث4142دار المعرفة بيروت) (6) حاسد کي جيئن تہ "محسود" (يعني جنهن سان حسد ڪيو وڃي ان) سان سخت نفرت ٿي ويندي آهي تنهنڪري ان نفرت کي مَحَبّت ۾ بدلائڻ جون تدبيرون ڪري (7) ان کي سلام ڪرڻ ۾ اڳڀرائي ڪري (8) ملاقات ٿئي تہ گرمجوشيءَ جو مظاهرو ڪري (9) ممڪن هجي تہ ڪڏهن ڪڏهن تحفا وغيره پيش ڪري (10) ان جي جنهن نعمت جي سبب حسد ٿيندو هجي ان ۾ برڪت جي دعا ڪري (11) ان جي باري ۾خراب ڳالهائڻ کان بچي بلڪ جڏهن ٻيو بہ برائي ڪري تہ نہ ٻڌي (12) بيماري يا مصيبت ۾ ان جي عيادت ڪري (13) خوشيءَ جي موقعي تي مبارڪون ڏي (14) ضرورت جي موقعي تي ان جي مدد ڪري (15) ماڻهن جي سامهون ان جي ڪثرت سان جائز تعريف ڪري (16) ٻيو ان جي جائز تعريف ڪري تہ خوشيءَ جو اظهار ڪري (17) پنهنجي طرفان جيترو فائدو پهچائي سگهندو هجي ان کي پهچائي .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

## ايترو تہ ڪري ئي ڇڏيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت حُجَّةُالاسلام سيّدنا امام محمّد غزالي عليہ رحمۃ اللہ الوالي **احياءُ العلوم** ج 3 ۾ فرمائن ٿا: **جيڪڏهن توهان پنهنجي ظاهر کي بہ حسد کان روڪي ڇڏيو ۽ دل ۾ پيدا ٿيڻ واري حسد جي جذبي کي ناپسند ڪريو ۽ ٻين کان نعمت کسجڻ جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري خواهش کي بہ پسند نہ ڪريو ايتري تائين جو پنهنجي نفس تي بہ ان سبب کان ڪاوڙ ڪريو تہ توهان پنهنجي اختيار جي مطابق پنهنجي ذميداري پوري ڪئي.** يعني ايترو ڪرڻ کان پوءِ مجبوراً پيدا ٿيڻ واري حسد جو گناهہ نہ ملندو. وڌيڪ تفصيلي علاج ڄاڻڻ جي لاءِ امام **محمّد غزالي** عليہ رحمۃ اللہ الوالي جي ڪتاب **احياءالعلوم** ج 3 مان **حسد جو بيان** ملاحظہ ڪريو، حسد ۽ ٻين گناهن جي علاج جي خاطر سنّتن جي تربيت جي مدني **قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو گڏوگڏ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ڪندي روزانو **فڪرِ مدينہ** جي دوران (بهتر آهي تہ رات جي وقت) مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري ڇڏيوءِ هر مدني مهيني جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذميدار کي جمع ڪرائي ڇڏيو. ان شآء اللہ عَزَّوَجَلَّ **ان جون برڪتون توهان پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ.**

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## جلد توبه ڪري وٺو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عنقريب موت اچڻو آهي، دنيا مان وڃڻو آهي ۽ قبر ۾ پوڻو آهي ۽ ان کان پوءِ قيامت جي ڏينهن جڏهن ته سج سوا ميل پري رهي ڪري باهه وسائي رهيو هوندو ۽ ٽامي جي ٽهڪندڙ زمين تي بيهي ڪري سخت امتحان کي منهن ڏيڻو پوندو. اسان مان ڪوبه نه ٿو ڄاڻي ته ان کي جنّت ۾ وڃڻو آهي يا جهنم ۾. تنهنڪري گهٻرائجي ڪري جلدي توبه ڪريو. اي الله عزوجل! اسان هر ننڍي وڏي گناهه کان توبه ڪريون ٿا، اي رب عزوجل **بطفيل مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم اسان جي مغفرت فرماءِ. اٰمين بجاه النبي الامين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

حديث پاڪ ۾ آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنبِ كَمَن لَّاذَنبَ لَه. يعني: گناهه کان توبه ڪرڻ وارو ايئن آهي جيئن ان گناهه ڪيو ئي ناهي.
(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 491 حديث4250دار المعرفہ بيروت)

توبه سان گڏوگڏ جن جن ماڻهن جون حق تلفيون ڪيون آهن انهن کان به معافي گهري وٺو. جنهن جو جيترو گهڻو ماڻهن سان واسطو پوندو آهي اوترو ئي حق تلفين جو امڪان به وڌي ويندو آهي. خود منهنجي بيشمار ماڻهن سان ڄاڻ سڃاڻ آهي، ان طرح سان ڪيترن ئي ماڻهن جي حق تلفين جو سلسلو به هوندو. دعوت اسلامي جي 1424ھ جي ساليانی بين الاقوامي ٽي روزه سنّتن ڀريي اجتماع ۾ هن وقت لکين مسلمان مونکي ٻڌي رهيا

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

آهن، هن موقعي کي غنيمت ڄاڻيندي انتهائي عاجزي سان عرض ڪري رهيو آهيان ته جيڪڏهن منهنجي ڪري ڪڏهن توهان جي دل ڏکي هجي ته الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي خاطر منهنجي جهوليءَ ۾ معافيءَ جي خيرات وجهي ڇڏيو، ڏيتي ليتي جو معاملو آهي ۽ جيڪڏهن منهنجي طرفان دير ٿي هجي ته ان جو مطلب آهي ته مان وساري ويٺو آهيان تنهن ڪري فورًا مون کان وصول ڪري وٺو، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪا شيءِ اڌاري وٺي (يعني ٿوري دير لاءِ وٺڻ ڪانپوءِ) مان وساري ويٺو آهيان اها به وصول ڪري وٺو. جيڪڏهن وصول نه ٿا ڪرڻ چاهيو ته معاف ڪري ڇڏيو، مان پنهنجا حق هر مسلمان کي اڳواٽ ئي معاف ڪري چڪو آهيان، ايتري تائين جو جيڪڏهن مونکي ڪو شهيد ڪري ڇڏي ان کي به منهنجا حق معاف آهن، ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي احتجاجن هنگامن ۽ هڙتالن جي منهنجي طرفان اجازت ناهي، اڄڪلهه جون هڙتالون جن ۾ مسلمانن جو زبردستي ڪاروبار بند ڪرايو ويندو آهي، ڦرمار ڪئي ويندي آهي ۽ گاڏيون ساڙيون وينديون آهن هي شرعًا حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن.

## قضا عمري ادا ڪري وٺو

نمازن جو اهتمام ڪريو، رمضان المبارڪ جا روزا رکو ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

پڪي نيّت ڪريو تہ آئنده ڪڏهن بہ ڪا فرض عبادت نہ ڇڏينداسين، جيڪڏهن حج فرض ٿي ويو آهي تہ ان جي ادائگي ۾ دير نہ ڪنداسين اڄ کان پهريان ڪابہ نماز رهجي وئي هجي تہ قضا فرمائي وٺو، مڪتبة المدينہ تان ”نماز جا احڪام“ (رسائل عطاريہ حصو پهريون) هديو ڏئي حاصل ڪري ان ۾ قضا عمري جو آسان طريقو ملاحظہ ڪريو. ياد رکو! حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن ڄاڻي واڻي نماز ڇڏي ڏني تہ الله تعاليٰ ان جو نالو دوزخ جي ان دروازي تي لکندو جنهن مان اهو داخل ٿيندو. (ڪنزالعمال ج 7 ص 132 رقم الحديث19086دارالڪتب العلميہ بيروت) هڪ ٻي روايت ۾ هي بہ آهي تہ: جنهن رمضان شريف جو هڪ روزو بہ بغير رخصت يا بغير بيماريءَ جي افطار ڪيو (يعني نہ رکيو يا رکي ٽوڙي ڇڏيو) تہ سڄي زماني جو روزو ان جي قضا نہ ٿو ٿي سگهي جيتوڻيڪ جو بعد ۾ رکي بہ وٺي. (يعني اها فضيلت نہ ملندي)
(سنن الترمذي ج 2ص175رقم الحديث 723مطبوعہ دارالفڪر بيروت)

## اکين ۾ باهہ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** گانا باجا ٻڌڻ ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ کان بہ اڄ ئي توبہ ڪري ڇڏيو. روايت ۾ اچي ٿو تہ ”جيڪو پنهنجي اکين کي حرام سان ڀريندو قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ باهہ ڀري ويندي“. (مڪاشفة القلوب ص10دارالڪتب العلميہ بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

## اکين ۽ ڪنن ۾ ڪِليون

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العُيُوب صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم معراج جي رات هڪ منظر هي ٻه ڏٺو ته ڪجهه ماڻهن جي اکين ۽ ڪنن ۾ ڪليون نوڪيل آهن. عرض ڪيو ويو: هي اهو ڏسندا هئا جيڪي توهان ناهيو ڏسندا هي اهو ٻڌندا هئا جيڪو توهان ناهيو ٻڌندا. (شرح الصدور ص171 دارالڪتب العلميه بيروت) حرام ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارن جو ڀيانڪ انجام توهان ٻڌو، آهه! انهن جي اکين ۽ ڪنن ۾ ڪِليون نوڪيل هيون.

## يهودي مارڪ ڇريءَ جو بائيڪاٽ

ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارا ٻه توجهه فرمائن ته ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن، حديثِ پاڪ ۾ آهي ته مڇون هلڪيون ڪريو ۽ ڏاڙهين کي وڌڻ ڏيو ۽ يهودين سان مشابهت اختيار نه ڪريو. (طحاوي شرح معاني الاثار ج4ص28حديث 6424دارالڪتب العلميه بيروت) مسلمانن جي لاءِ لمحهء فڪريه آهي ته ڏاڙهي ڪوڙائڻ کي حضور صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم يهودين جي مشابهت (يعني نقل) قرار ڏئي رهيا آهن. مسلمانن جي محبت ۽ غيرت کي چيلنج آهي. سياسي رهنمائن جي طرفان اڪثر يهودين جي مصنوعات جي بائيڪاٽ جو اعلان ٿيندو رهندو آهي پر انهن ويچارن رهنمائن جي شايد ان طرف توجهه ناهي ته انهن بيشمار رهنمائن سميت مسلمانن جي وڏي تعداد جا چهرا ”يهودي مارڪ“ آهن! صرف مصنوعات جو ئي بائيڪاٽ ڇو؟ يهودين جي پيروي ۽ مارڪ (MARK) يعني

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جنھن وٽ منھنجو ذڪر ٿئي ۽ اھو مون تي درود شريف نہ پڙھي تہ ان جفا ڪئي.

نشانيءَ جو بہ بائيڪاٽ ھئڻ گھرجي.تنھنڪري چھرو يھودي مارڪ نہ بلڪ سنّت مارڪ ھئڻ گھرجي. منھنجو تمام رھنمائن ۽ عام مسلمانن جي خدمت ۾ عرض آھي تہ اڄ ڪان اسلام جي دشمنن جھڙو چھرو بڻائڻ جو بائيڪاٽ ڪري سرڪار نامدار مديني جي تاجدار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جي محبت جي نشاني ھڪ مٺ ڏاڙھي پنھنجي چھري تي سجائڻ جي نيّت ڪري ڇڏيو.

سرکار کا عاشِق بھی کیا داڑھی منڈاتا ہے
کیوں عِشق کا چِہرے سے اِظہار نہیں ہوتا

## ناجائز فيشن جو عذاب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بي شرمانہ لباس، ھر قسم جي ناجائز سينگار ۽ بي حيائيءَ سان ڀريل فيشن کان پاسو ڪريو، سرورِ ڪائنات، شاھِ موجودات صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم ارشاد فرمايو: مون ڪجھ اھڙا ماڻھو ڏٺا جن جون کلون باھ جي قينچين سان ڪٽيون پئي ويون. مون پڇيو ھي ڪير آھن؟ مون کي ٻڌايو ويو، ھي اھي ماڻھو آھن جيڪي اھڙين شين جي ذريعي سينگار ڪندا ھئا جيڪي انھن لاءِ جائز نہ ھيون، ۽ مون ھڪ سخت بدبودار کڏو ڏٺو. جنھن مان رڙيون دانھون اچي رھيون ھيون، مون پڇيو ھي ڪير آھن؟ مونکي ٻڌايو ويو تہ ھي اھي عورتون آھن جيڪي ناجائز شين جي ذريعي سينگار ڪنديون ھيون. (شرح الصدور ص168)

يا ربّ عَزَّوَجَلَّ بطفيل مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم اسان کي تمام شيطاني ھٿڪندن خصوصًا ظلم، خيانت، مڪر ۽ حسد جي آفتن کان محفوظ فرماءِ . اٰمين بجاہ النبي الامين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم

